
# برداشت

## انبياء جي سُنّت آهي

**05-December-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)



5 ڊسمبر، 2024ء (متوقع اسلامي تاريخ: 2 جمادي الاخريٰ، 1446ھ)
تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# برداشت انبياء جي سُنّت آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ .......

✿... آساني جو انتظار بہ عبادت آهي
✿... حلم الله پاڪ جي سُنت آهي
✿... ڪيستائين برداشت ڪندا رهون؟
✿... بُردباري جو انعام

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعين عطار، قسط:2،صفحو:12،حديث پاڪ نمبر 12 آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : لَيَرِدَنَّ الْحَوْضَ عَلَيَّ اَقْوَامٌ مَا اَعْرَفُهُمْ اِلَّا بِكَثْرَةِ الصَّلَاةِ عَلَيَّ.[1]
ترجمو: حوضِ ڪوثر تي مون ڪي اهڙيون قومون ملنديون جن ڪي مان گهڻو درود پڙهڻ جي سبب سڃاڻيندس.

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شمار دُرود
ہے کرم ہی کرم کہ سنتے ہیں | آپ خوش ہو کے بار بار دُرود (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديث پاڪ ۾ آهي: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه مومن جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[3]

[1] القول البديع، صفحہ:264۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:67۔

[3] معجم کبير، جلد:3، صفحہ:525، حديث:5809۔

اي عاشقان رسول! سنيون سنيون نيتون ڪرڻ سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو تہ ! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، نيت ڪيو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاء بيان ٻڌندس ۞ باادب ٿي ويهندس ۞ نهايت توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

## ڌي...!! ٻڌڻ جي ضرورت ناهي!!...

صحابي رسول حضرت منيب اَزدي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسلام قبول ڪرڻ کان پهريان مون الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چوڌاري ماڻهو گڏ هئا، ۽ سندن فرمائي رهيا هئا: اي انسانو! لَا اِلٰهَ اِلَّا الله چئو ۽ ڪامياب ٿي وڃو...!! ماڻهو(پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صاف ۽ سچي ڳالھ تي غور ڪرڻ ۽ اسلام قبول ڪري جهنم کان آزادي ماڻڻ جي بدران ابتو) ظلم ڪري رهيا هئا. معاذ الله! ڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي مٽي اُڇلائي رهيو هو ۽ ڪو گاريون ڏئي رهيو هو. منجهند تائين اهو سلسلو جاري رهيو. پوءِ جڏهن سيئي ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا تہ هڪ عورت وڏي پيالي ۾ پاڻي کڻي آئي ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ چهرو ڌوئڻ لڳي. مون اتي موجود ماڻهن کان پڇيو تہ اها عورت ڪير آهي؟ ماڻهن ٻڌايو تہ: هي اُن (يعني رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي ڌيءُ زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا آهي.[(1)]

اهڙي طرح جو هڪ واقعو حضرت حارث بن حارث رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان بہ روايت ٿيل آهي، اُن ۾ هي بہ ذڪر آهي تہ جڏهن ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا تہ حضرت زينب رَضِيَ اللهُ عَنْهَا روئندي حاضر ٿيون. انهن جي هٿ ۾ هڪ پاڻيءَ جو پيالو ۽

---

[1]...معجم ڪبير،جلد :9،صفحہ:70،حديث:17193 ملتقطاً۔

رومال هو. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم پيالو وني پاڻي پيتو ۽ وضو ڪيو، پوءِ پنهنجو مٿو مبارڪ ڪٽي حضرت زينب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا ڏانهن نهاريو ۽ فرمايائون: **ڌيءُ! ڪڏهن به ڊپ نه ڪجان ته هي ماڻهو تنهنجي والد تي غالب ايندا**[1].

| | |
|---|---|
| کوئی گالی سناتا تھا، کوئی پتھر اُٹھاتا تھا | کوئی توحید پر ہنستا تھا، کوئی منہ چِڑاتا تھا |
| مگر وہ منبعِ حِلم و صفا خاموش رہتا تھا | دُعائے خیر کرتا تھا، جفا و ظلم سہتا تھا(2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ جي راهه ۾ تڪليفون برداشت ڪرڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! اسان جي پياري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم اسلام جي خاطر ڪيتريون تڪليفون برداشت ڪيون! اهي تمام سختيون ان وقت شروع ٿيون جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم سرعام نيڪي جي دعوت ڏيڻ لڳا. تنهنڪري جڏهن به ڪنهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ سبب ڪا تڪليف ڪٽڻي پئي ته پياري آقا، رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي اسلام جي تبلغ ۾ پيش ايندڙ تڪليفن کي ياد ڪري اللّٰه پاڪ جو شڪر ادا ڪريو جو اُن دين جي خاطر سختيون سَهڻ واري سنت ادا ڪرڻ جي سعادت بخشي. اهڙيءَ طرح، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! شيطان ناڪام ۽ نامراد ٿيندو ۽ صبر ڪرڻ آسان ٿي ويندو.

بيشڪ راهِ خُدا ۾ تڪليفون برداشت ڪرڻ به سنت آهي، ان تي صبر ڪرڻ به سنت ۽ سخت ترين مشڪلات جي باوجود نيڪي جي دعوت جو سلسلو جاري

---

[1] معجم ڪبير، جلد:9، صفحه:382، حديث:18485مفهوماً.

2...شاہنامۂ اسلام،حصہ: اول، ص118ملتقطاً۔

رکڻ بہ سنت آهي.[1]

سنّتیں عام کریں، دین کا ہم کام کریں | نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے!

## محبوبِ کريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اطمينان

پيارا اسلامي ڀائرو! محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه سيرت جو هيءُ هڪ واقعو جيڪو اسان ٻڌو، اُن واقعي ۾ هڪ اهم سکڻ جي ڳالهه جاڻيو تا ڪهڙي آهي؟ اها آهي اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اطمينان، نيڪ اميد، ۽ هن ڳالهه جو سچو ۽ پڪو يقين تہ هڪ ڏينهن ايندو جڏهن اسلام غالب ٿيندو.

ڪيتري نہ ڪمال جي ڳالهه آهي...!! ❁ ماڻهو پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چوڌاري جمع آهن ❁ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏئي رهيا آهن. ❁ سمجهائي رهيا آهن. ❁ جنت جي طرف سڏ ڪري رهيا آهن ۽ سامهون کان ماڻهو مَعاذَاللہ! ❁ گستاخيون ڪري رهيا آهن ❁ ڪو گاريون ڏئي رهيو آهي ❁ ڪو مٽي ڪٺي سندن پاڪ جسم تي اڇلائي رهيو آهي. ان جي باوجود جڏهن شهزادي صاحبہ حضرت بي بي زينب رَضِیَ اللہُ عَنْہا روئندي حاضِر ٿين ٿيون تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيتري يقين ۽ اطمينان سان فرمائن ٿا: **ڌيءُ! هرگز هي ڊپ نہ ڪر تہ اهي ماڻهو تنهنجي والد تي غالب ايندا.**

جڏهن تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان سفر جو نتيجو ڏسي رهيا هئا، سندن ڄاڻندا هئا تہ ❁ هي رستي جي شروعات آهي. ❁ آخرڪار هي مشڪلاتون ختم ٿينديون. ❁ هي تڪليفن جا ڏينهن انجام تي پهچندا. ❁ پوءِ اهو وقت بہ ايندو، جڏهن هر

1 بهيانک اُونٹ، صفحہ:6۔

زبان تي لَا اِلٰهَ اِلَّا الله جون صدائون هونديون، ماڻهو مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله تي پنهنجي جان به قربان ڪندا.

اگرچہ لوگ آج اسلام پر ایماں نہیں لاتے! | خدائے پاک کے دامانِ وحدت میں نہیں آتے!
مگر نسلیں ضرور ان کی اسے پہچان جائیں گی | درِ توحید پر اک روز آکر سر جھکائیں گی [1]

## تسلي ڏيڻ وارو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ ٻي سکڻ جي ڳالهه عرض ڪيان، عام طور تي جڏهن انسان مشڪل ۾ هوندو آهي.....!! مثلاً ❁ ڪاروبار ۾ نقصان تي ويو. ❁چوري تي وئي. ❁ ڪنهن ڪم ۾ ناڪامي تي وئي. ❁ اسڪول ۾ فيل تي ويا❁ ڪنهن مضمون ۾ سَپلي اچي وئي. ❁ ڪنهن معاملي ۾ مشڪلاتون اچي ويون. اسان وٽ الحمد لله، عاشقانِ رسول نيڪي جي دعوت ڏيندا آهن، مدني قافلن ۾ سفر ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ان راهه ۾ مشڪلاتون اچي وينديون آهن. ❁ ماڻهن جا طعنا ٻڌڻا پوندا آهن. هاڻي اهڙي موقعي تي ڇا ٿيندو آهي؟ ماڻهو اسان کي تسلي ڏئي رهيا هوندا آهن، مثلاً ❁ ڏس ڀاءُ! مشڪلاتون زندگي جو حصو آهن. ❁ گهبرايو نه، مشڪل سان گڏ ئي آسانيون اينديون آهن. ❁ دل تي صدمو نه وٺو! الله پاڪ بهتر ڪندو.

پر هتي معاملو ڏسو! تڪليف اسان جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پهتي آهي. ماڻهو ڪوڙو چئي رهيا آهن. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻي خواهش رکندا آهن ته ماڻهو ڪلمو پڙهن ۽ جنت جا حقدار بڻجي وڃن، پر ماڻهو ان جي ابتڙ گستاخيون ڪري رهيا آهن. اسان وٽ عام دستور موجب ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته ڪو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تسلي ڏئي ها، پر قربان وڃون!

[1]…شاہنامہ اسلام، حصہ اوّل، صفحہ:138۔

هي تہ سيني کي تسلي ڏيڻ وارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. هي دلين کي حوصلو ڏيڻ وارا ڪريم آهن، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دل سان ايترو مطمئن آهن جو پنهنجي شهزادي صاحبہ کي تسلي ڏئي فرمائي رهيا آهن تہ ذيءَ خوف نہ ڪيو! منهنجي بہ دل مطمئن آهي، تون بہ مطمئن رهہ! هي مشڪل گهڙي آهي، ڪٽجي ويندي. پوءِ الله پاڪ اسلام کي غلبو ۽ عروج عطا ڪندو.

## آساني جو انتظار بہ عبادت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اهو جيڪو دل جو اطمينان ۽ سڪون آهي، افسوس هي اسان وٽان ختم ٿيندو پيو وڃي. اسان تمام جلد بيزاري جو شڪار ٿي ويندا آهيون. هيءَ ڳالهہ تمام نازڪ ۽ سمجهڻ جهڙي ڳالهہ آهي. هن دنيا ۾ جيڪو بہ ڪم ٿيندو آهي، ان جو هڪ وقت مقرر هوندو آهي. قرآنِ ڪريم ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿۳۸﴾ (سيپاره 13، سوره رعد: 38) | ترجمو ڪنزالعرفان: هر وعدي لاءِ هڪ لکيل (مدت) آهي. |

يعني هي ڳالهہ الله پاڪ وٽ طئي آهي تہ ڪهڙو ڪم ڪيئن ۽ ڪڏهن مڪمل ٿيڻو آهي[1]. ڪجهہ ڪمن جا وقت تہ اسان وٽ بہ مُقرَّر هوندا آهن، هڪ وقت اهو بہ آهي جيڪو الله پاڪ وٽ مقرر آهي. اسان ان وقت جي پوري ٿيڻ جو انتظار ناهيون ڪندا ❁ ان ڪان پهريان ئي بيزاري جو شڪار ٿي ويندا آهيون. ❁ اسان سگنل تي بيٺل آهيون، هي خبر آهي بلڪ سگنل سان گڏ ئي ٽائمر لڳل آهي، سيڪنڊز هلي رهيا آهن، اسان ڏسي بہ رهيا آهيون، پر بيزاري محسوس ڪندا

[1] تفسير نظم الدرر، پاره:13، سورۀ رعد، زيرآيت:38، جلد:4،صفحہ:160۔

آهيون، هڪ اڌ منٽ اسان انتظار ناهيون ڪري سگهندا. ❁ ڪٿي ٽريفڪ جام ٿي وئي، اها خبر آهي تہ ٽريفڪ پنهنجي وقت تي ئي کُلندي، پر انتظار ناهيون ڪري سگهندا. هارن تي هارن وڄي رهيا هوندا آهن، ڪاوڙ ۾ هٿ پير سُڄي ويندا آهن، ڪجھ ماڻهو تہ اندر ئي اندر ڪُڙهندا آهن ماڻهن ڪي برو ڀلو چئي رهيا هوندا آهن ۽ ڪجھ نادان تہ گاريون بہ ڏئي رهيا هوندا آهن. ❁ اهڙي طرح بيمار ٿي ويا، هن بيماري کان ڪڏهن شفا ملندي، اهو الله پاڪ وٽ مقرر آهي. اسان شڪايتون ڪيون يا صبر ڪيون، شفا مقرر وقت تي ئي ملندي. ❁ ميٽرڪ ڪرڻ لاءِ نرسري، پَري نرسري، پريپ وغيره سڀئي شامل ڪري عام حالتن ۾ 12، 14 سال لڳي ويندا آهن، مون ڪي ڪيترا سال لڳندا. اها ڳالھ الله پاڪ وٽ طئي آهي، ممڪن آهي تہ تقدير ۾ بہ پيرا فيل ٿيڻ لکيل هجي، وقت مقرر آهي، اسان انتظار ناهيون ڪندا ❁ ڪاروبار شروع ڪيو، ان ۾ ترقي ڪڏهن ملندي، اهو الله پاڪ وٽ مقرر آهي پر اسان جو ذهن هي هوندو آهي تہ اڄ دڪان کوليو، سڀاڻي لکين روپين جي آمدني شروع ٿي وڃي.

ايئن ئي سوچيندا هلندا وڃو! ڪيئي مثال سامهون اچي ويندا، چوڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ هيءَ جيڪا بي اطميناني جي ڪيفيت آهي، ڪنهن ڪم ڪي مڪمل ڪرڻ لاءِ، ڪنهن سفر ۾ منزل تائين پهچڻ لاءِ، يا ڪنهن بہ معاملي ۾ ڪاميابي جون ڏاڪڻون چڙهڻ لاءِ جيڪو وقت جو دورانيو مقرر آهي، اسان ان وقت کي پورو ڪرڻ کان پهريان ئي بيزاري محسوس ڪرڻ لڳندا آهيون. پوءِ اها بيزاري بي صبري جو ذريعو بڻجندي آهي، پوءِ اها بي صبري اسان کي ناڪامي تائين پهچائيندي آهي. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ هن بيزاري کي پنهنجي اندر کان ختم ڪريون. جڏهن هيءَ بيزاري ختم ٿي ويندي تہ صبر بہ

ايندو، برداشت بہ اچي ويندي ۽ ان جي برڪت سان، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابيون بہ نصيب ٿينديون.

تمام سھڻي حديث پاڪ آهي: اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اِنْتِظَارُ الْفَرَجِ يعني آساني ملڻ جو انتظار ڪرڻ افضل عبادت آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! سگنل بند آهي، مون ڪي جلدي آهي؟ صبر ڪيو! ان تي ثواب ملندو۞غربت اچي وئي، تنگدستي اچي وئي، صبر سان آساني جو انتظار ڪيو! ثواب ملندو، بيمار ٿي ويا؟ صبر سان شفا جو انتظار ڪيو! ثواب ملندو۞ امتحان ۾ ناڪام ٿي ويا؟ صبر ڪيو، ايندڙ امتحان لاءِ تياري ڪيو ۽ ڪاميابي جو انتظار ڪيو! ثواب ملندو۞ حالتون قابو کان ٻاهر ٿي ويون آهن؟ صبر ڪيو ۽ الله جي مدد جو انتظار ڪيو! ثواب ملندو.

مطلب تہ ڪا بہ مشڪل آهي، پريشاني آهي، يا ناڪاميءَ ڪي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تہ صبر ڪيو! صبر سان آساني ملڻ جو انتظار ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب ملندو.

## مؤمن جو حال عجيب آهي!!...

حديث پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مؤمن جو حال عجيب آهي، ان جو سڄو معاملو ئي ڀلائي وارو آهي، جڏهن ان کي خوشي ملندي آهي تہ شڪر ڪري ثواب ڪمائي وٺندو آهي، جڏهن مشڪل، پريشاني، مصيبت ايندي آهي تہ صبر ڪري ثواب ڪمائي وٺي ٿو.[2]

---

[1] ترمذی، کتاب الدعوات، باب فی انتظار الفرج...الخ،

[2] مسلم، کتاب الزھد و الرقائق، باب المؤمن امره ...الخ، صفحہ:1144، حدیث:2999۔

چُپ رِهِ سِڱُ تَا مَوتِي مِلُ سَنُ، صَبُر ڪَرِيُں تَا ڀِيُرے
ڀَاڱَلَاں وَانُڱُوں رَوُلَا ڀَاوِيُں، نَه مَوُتِي نَه ڀِيُرے

وضاحت: جيڪڏهن تڪليفن تي خاموشي سان صبر ڪندا رهياسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ثواب به ملندو ۽ انعام به، ۽ جيڪڏهن بي صبري جو مظاهرو ڪيو، ته تڪليف وڃڻ ته رهي پري، ابتو ثواب به هٿان ويندو رهندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نظر خدا تي رکو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث پاڪ پڙهي، اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اِنْتِظَارُ الْفَرَجِ يعني آساني جو انتظار ڪرڻ افضل عبادت آهي.

حيرت جي ڳالهه آهي، هن انتظار کي افضل عبادت ڇو چيو ويو؟ امام ترمذي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي نهايت ايمان افروز حڪمت لکي آهي، فرمائن ٿا: جيڪو پاڻهو صبر سان، دلي اطمينان سان آساني اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هوندو آهي، ان جي نظر اصل ۾ ظاهري اسباب تي ناهي هوندي، ان جي نظر مُسَبِّبُ الْاَسْبَاب (يعني اسباب بڻائڻ واري ربّ رحمٰن) تي هوندي آهي، ۽ هي ڳالهه(يعني نگاهون اسباب کان هٽائي ڪري مُسَبِّبُ الْاَسْبَاب جي طرف لڳائي ڇڏڻ) ڪامل ايمان جي نشاني آهي، انهيءَ ڪري فرمايو: **صبر ۽ تحمل سان آساني اچڻ جو انتظار ڪرڻ افضل عبادت آهي.**[1]

## درد جو احساس نه ٿيو

حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جيڪي پنهنجي وقت جون تمام وڏيون وليه هيون،

---

[1] نوادر الاصول، الاصل السادس و الخمسون و المائتہ...الخ، جلد:1، صفحہ:423

تمام بلند رتبي واريون هيون، هڪ ڀيري اوچتو ڪتان ڪان سِرَ ڪِري ۽ سندن متي ۾ اچي لڳي، متو ڦاٽي پيو، رت وهڻ لڳو.

هاڻي اسان وٽ جڏهن اهڙو موقعو هوندو آهي ته انسان هاءِ گهوڙا هاءِ گهوڙا ڪندو آهي، درد وارا آواز ته نڪرندا ئي آهن پر ڪمال ڏسو! انهن الله وارن جو تعلق ڏسو الله پاڪ سان ڪيترو مضبوط هو، حضرت رابعہ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡها جي متي ۾ سِر لڳي، متو ڦاٽي پيو، رت وهي نڪري آيو، پر ان تي ڪين ڪوبہ منفي ردعمل (ري ايڪشن) نہ ڏنو. ڪنهن حيرت مان پڇيو: ڇا توهان کي تڪليف نہ ٿي؟ فرمايائون: سِرَ ڪري آهي تہ الله پاڪ جي ارادي سان، ۽ منهنجي متي تي لڳي تہ بہ الله پاڪ جي ارادي سان يعني هي سِرَ جو ڪرڻ ٻڌائي رهيو آهي تہ الله پاڪ جو ارادو منهنجي متعلق ٿيو آهي. هن ڳالهہ تي خوشي ئي ايتري ٿي جو تڪليف ڏانهن ڌيان ئي نہ ويو[1].

جِے سوہنا میرے دُکھ وِچ راضی | تے میں سُکھ نوں چُلھے پاواں

وضاحت: جيڪڏهن الله کي اهو ئي منظور آهي تہ مان آزمائش ۾ رهان، پوءِ مون کي راحت جي ڪا ضرورت ناهي، مان الله پاڪ جي رضا تي راضي آهيان.

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي الله وارن جي...!! هن مان خبر پئي، ❁ مشڪل اچي، ❁ پريشاني اچي، ❁ تڪليف اچي، ❁ غربت اچي، ❁ بيماري اچي، ❁ ڪجهہ بہ هجي، ❁ نظر ربّ ڪريم جي طرف رکو! برداشت ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي بلڪ تڪليف ئي ۾ مزو اچڻ لڳندو.

## جيڪو ربّ چاهيو، اهو ٿيو...!!

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ، جيڪي رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا صحابي ۽

1 الكواكب الدرية، الطبقة الثانية، حرف الراء، جلد:1،صفحہ:270۔

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جا خاص خدمت گار هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون 10 سال پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذاريا، انهن سالن ۾ هڪ ڀيرو به پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم هي نه فرمايو: اي انس! هي ڪم ڇو ڪيو؟ ۽ نه ئي هي فرمايو ته هي ڪم ڇو نه ڪيو؟[1]

حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڌيڪ فرمائن ٿا: جيڪڏهن مون کان ڪا غلطي ٿي ويندي هئي، ڪو ٿانو وغيره ڪِري ٽُٽي پوندو هو، اُن تي گهر ۾ ڪو مون کي ڇڙٻڻ لڳندو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمائيندا هئا: هن کي ڇڏي ڏيو! فَاِنَّهٗ لَوْقُضِيَ شَيْءٌ لَكَانَ يعني جيڪڏهن ڪجهه ٻيو تقدير ۾ هجي ها ته اهو ٿئي ها.[2]

سُبْحٰنَ الله! هي وڏي ڪمال جي ڳالهه آهي، اسان وٽ گهرن ۾ هنن ڳالهين تي چڱا ڀلا جهيڙا ٿي ويندا آهن. ٻار جي هٿان ٿانوَ ڇڏائجي ڪريو، ٽٽي پيو، اُن تي مائرون ڪاوڙ ۾ اچي ويندیون آهن، والدين ڇڙٻڻ شروع ڪندا آهن. غلطي سان چانهه هٿ مان ڇڏائجي ڪري ڪپڙن تي ڪِري پئي، پوءِ ته قيامت اچي ويندي آهي، ڪو فنڪشن وغيره هلي رهيو هجي، اُن ۾ ايئن ٿي وڃي ته بعض دفعا انهي ڪري سڄو فنڪشن ئي خراب ٿي ويندو آهي، ان ننڍي ڳالهه تي ايتري ڪاوڙ ڪئي ويندي آهي جو چڱو ڀلو خوشين ڀريو ماحول ئي اُداس ٿي ويندو آهي. ❁ زال سان ڪا غلطي ٿي وئي. ❁ ديڳڙي سڙي وئي، ❁ لوڻ وڌيڪ پئجي ويو. ❁ڪپڙا استري ڪندي، سڙي پيا. ❁ ڪپڙا ڌوئڻ ۾ ڪمي رهجي وئي، ڪو معمولي داغ رهجي ويو. اسان وٽ اهڙين ننڍين ننڍين ڳالهين تي گهرن ۾ لڙايون ٿينديون آهن، جهڳڙا ٿي ويندا آهن. ❁ ننڍي ٻارَ کان ڪا غطي ٿي وئي. موٽر سائيڪل ڪري پئي. ❁ ننڍو وڏو نقصان ٿي ويو. ❁ ٻار کي دُڪان تي موڪليو هو، ويچاري کان پئسا ڪٿي ڪِري پيا. ته اُن ويچاري جي اها ڪلاس

1 بخاری،کتاب الادب،باب حسن الخلق و السخاء...الخ،صفحہ:1504،حدیث :6038۔

2 مکارم الاخلاق للخرائطی، جلد:1، صفحہ:203، حدیث:71۔

ورتي ويندي آهي جو خدا جي پناهہ..!! ❁ رستي تان هلندي وقت ڪنهن جو ڪلهو اسان سان ٽڪرائجي ويو، ماڻهو پڻ پڻ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن، بعض دفعا تہ هن ڳالهہ تي لڙائي بہ ٿي ويندي آهي ❁ ڪنهن جو پير اسان جي پير تي اچي ويو، برداشت ناهي ٿيندي. موٽر سائيڪل وارو گاڏي ڪان ٽڪرائجي ويو، هاڻي يڪدم هڪ ڪاوڙ واري بريڪ لڳندي، آسپاس جا ماڻهو بہ متوجهہ ٿي ويندا آهن تہ ڇا ٿيو؟ ڪار وارو ڪاوڙ ۾ پرجي گاڏي تان لهندو آهي، پوءِ روڊ تي شرافت جو جيڪو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، الله پاڪ جي پناهہ.....!!

اهڙا پيا بہ ڪيترائي معاملا اسان وٽ نارمل زندگي ۾ عموماً ٿيندا رهندا آهن، اهڙن معاملن ۾ تقدير تي نظر رکڻ گهرجي. ❁ جڏهن اسان مڃون ٿا تہ الله پاڪ جي مرضي کانسواءِ هڪ پن بہ نہ ٿو لُڏي سگهي، تہ پوءِ ڇانهہ اسان جي ڪپڙن تي ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟ ❁ ڪاڏي ۾ لوڻ ڪيئن وڌيڪ ٿي سگهي ٿو؟ ❁ڪپڙا ڪيئن سڙي سگهن ٿا؟ ❁ ڪار جي لائيٽ ڪيئن ٽُٽي سگهي ٿي؟

هي تقدير غالب ايندي آهي ۽ ان ۾ اسان جو امتحان ورتو پئي ويندو آهي تہ اسان اُن تي صبر ۽ برداشت سان حسن اخلاق جو مظاهرو ڪندا ۽ ثواب ڪمائيندا آهيون يا بداخلاقي اختيار ڪري پنهنجي خراب هجڻ جو ثبوت ڏيندا آهيون.

ان ڪري اهڙين ننڍين ننڍين ڳالهين تي صبر ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان تقدير تي نظر رکنداسين ۽ هي سوچ بڻائينداسين تہ هي الله پاڪ جو ارادو ٿيو، تڏهن هي تڪليف پهتي. جيڪڏهن الله پاڪ نہ چاهي ها، تہ مون کي هرگز تڪليف نہ پهچي سگهي ها تہ ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! برداشت ڪرڻ بہ آسان ٿي ويندو ۽ اسان ثواب جا حقدار بہ بڻجي وينداسين.

## قوّتِ برداشت جوانوکو مثال

پيارا اسلامي ڀائرو! هي جيڪي مثالون مون عرض ڪيون ۽ جن تي عام طور اسان جي معاشري ۾ وڏا وڏا جهيڙا ٿي ويندا آهن، اهي ته تمام معمولي ڳالهيون آهن، حقيقت ۾ حِلْم چا کي چئبو آهي؟ اصل ۾ **برداشت** ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟ اچو ته مان توهان کي هڪ سهڻو واقعو ٻڌايان ٿو.

حضرت اَحْنَفْ بن قيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تابعي بزرگ هئا، يعني اهي خوش نصيب آهن جن صحابهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي صحبت مان فيض حاصل ڪيو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حلم ۾ تمام گهڻو مشهور هئا، نهايت بردبار هئا. هڪ ڀيري ڪين ڪٿان گذري رهيا هئا ڪنهن ڪيس گار ڏني.

هاڻي اسان وٽ ته هڪ گار جي جواب ۾ جيستائين 10 گاريون نه ڏنيون وڃن، ماڻهن کي سڪون ناهي ملندو پر هي تابعي هئا، نيڪ ماڻهو هئا، ڪنهن گار ڏني ڪين ان جي طرف ڌيان ئي نه ڏنو ۽ پنهنجي رستي ڪان هلندا رهيا.

اهو گار ڏيڻ وارو جيڪو شخص هو، اهو پويان پويان هلڻ لڳو. پاڻ اڳيان اڳيان هلي رهيا هئا، اهو شخص گاريون ڏيندي، پويان اچي رهيو هو. پاڻ ان جي گارين کي ٻڌندا رهيا ۽ خاموشي سان هلندا رهيا، جڏهن پنهنجي قبيلي جي ويجهو پهتا ته بيهي رهيا. ان شخص ڏانهن منهن ڪري فرمايو: جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ اجا ڪجهه باقي آهي ته هاڻي ئي چئي وٺ، ڇو ته منهنجي قبيلي ۾ منهنجا چاهيندڙ جيڪڏهن تنهنجون ڳالهيون ٻڌندا ته خطرو آهي ته توکي تڪليف نه ڏين (تنهن ڪري جيتريون گاريون ڏيڻ چاهين ٿو، هتي ئي ڏئي ڇڏ، مان ٻڌي رهيو آهيان).

سندن جي هي ڳالهه ٻڌي ڪري اهو شخص شرم کان پاڻي پاڻي ٿي ويو ۽ واپس موٽي ويو.[1]

---

[1] احياء العلوم،كتاب رياضة النفس،بيان علامات حسن الخلق،جلد:3،صفحہ:91بتصرف۔

هونئن جيڪڏهن اسان جي اَڄڪلھ جي ماحول جي لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ هي بہ وڏي ڪمال جو حلم آهي، ايتري برداشت جنهن جو مظاهرو حضرت اَحنَف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيو آهي. ان جو 10 فيصد حصو بہ اسان کي نصيب ٿي وڃي تہ اسان جي مُعاشري ۾ اَمن قائم ٿي سگهي ٿو، گهرن جو ماحول سُڪون وارو ٿي سگهي ٿو، دلين ۾ محبتون وڏي سگهن ٿيون پر جيڪا حيراني جي ڳالھ آهي. اها هن کان اڳتي آهي. ٻڌو! هي حضرت احنَف بن قيس رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جي حلم جو هڪ اعليٰ مثال هو، ڪائنس ڪنهن پڇيو: توهان هي حِلم ڪٿان سکيو؟ ايتري برداشت اوهان ۾ ڪيئن آئي؟ فرمايائون: هي صحابي رسول قيس بن عاصِم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي صحبت جو فيضان آهي. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ نهايت بردبار هئا، هڪ ڀيرو مون ڪين ڏٺو تہ پنهنجي گهر جي ٻاهر تشريف فرما هئا، ماڻهو سندن آسپاس جمع هئا ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ماڻهن سان گفتگو ڪري رهيا هئا، اوچتو ڪجھ ماڻهو سندن وٽ حاضر ٿيا، اُنهن وٽ هڪ نوجوان جي لاش هئي(يعني هڪ ميّت کي انهن ڪلهن تي ڪٽي رکيو هو) گڏوگڏ هڪ ٻيو نوجوان هو، جنهن جا هٿ ٻڌل هئا. هاڻي برداشت جو عالم ڏسو. حضرت قيس بن عاصِم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ صحابي رسول آهن. ماڻهن اچي عرض ڪيو: حضور! هي جيڪا ميت اسان وٽ آهي، هي ڪنهن ٻي جي نہ بلڪ اوهان جي پنهنجي پٽ جي آهي ۽ هي شخص جنهن جا هٿ ٻڌل آهن، هي اوهان جو ڀائيٽيو آهي، اوهان جي هن ڀائيٽي، اوهان جي جوان پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي.

حضرت اَحنَف بن قيس رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت قيس بن عاصِم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جڏهن هي ڳالھ ٻڌي تہ اهڙو ڪمال جو حلَم هو، اهڙي ڪمال جي قوّت برداشت هئي، پاڻ پنهنجي جڳھ کان اٿيا بہ نہ، جيڪا ڳالھ پاڻ ماڻهن سان ڪري رهيا هئا (ظاهر آهي صحابي رسول آهن، ڪا حديث پاڪ ٻڌائي رهيا هوندا، ڪو ديني مسئلو سمجهائي رهيا هوندا تہ) پاڻ اها ڳالھ بہ وچ ۾ نہ ڇڏي، پوري ڪئي. پوءِ پنهنجي ٻي پٽ جي طرف رُخ ڪيو، فرمايائون: پنهنجي ڀاءُ جي تجهيز و تڪفين جي تياري ڪيو! پوءِ پنهنجي ڀائيٽي جي طرف رُخ ڪيو(اهو ڀائيٽيو،

جنهن سندن پٽ کي قتل ڪيو هو، ان کي) فرمايائون: اي پائيتيا! توکان تمام وڏو گناهه ٿي ويو آهي (ان کان توبه ڪر!) ۽ (مون ته توکي مُعاف ڪري ڇڏيو، البته) مرڻ واري جي ماءُ کي ديّت ڏئي ڪري راضي ڪر..!! حضرت احنَف بن قيس رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: هن واقعي مون کي حلم سيکاريو آهي.[1]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! اُن کي چوندا آهن: برداشت. ڪاش! اسان کي به برداشت ڪرڻ اچي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حلم جي تعريف ۽ وضاحت

حِلم جي معنيٰ آهي: بُردباری، نَرم دلی. امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انسان کي ڪاوڙ اچي ۽ اهو ڪوشش ڪري، تڪلّف سان، نفس کي مجبور ڪري ڪاوڙ کي دٻائي ته اُن عمل کي كَظْمُ الْغَيْظ چيو ويندو آهي، يعني ڪاوڙ پيئڻ، جيڪڏهن باربار انهيءَ طرح ڪاوڙ پيئڻ جي مشق ڪئي وڃي، ايستائين جو اهڙي حالت ٿئي وڃي جو ڪاوڙ ايندي ئي نه ڪري ۽ جيڪڏهن ڪاوڙ اچي به ته ان کي دٻائڻ ۾ تڪلّف سان ڪم نه وٺڻو پئي بلڪ بآساني ڪاوڙ دٻجي وڃي، اُن ڪيفيت کي حلم چيو ويندو آهي. امام غزالي وڌيڪ فرمائن ٿا: ڪاوڙ پيئڻ جي نسبت حلم وڌيڪ افضل آهي، حلم عقل جي ڪمال جي دليل آهي.[2]

## حلم اللّٰه پاڪ جي سُنَّت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حلم اللّٰه پاڪ جي سُنَّت آهي. اللّٰه پاڪ جي پياري پياري نالن ۾ هڪ نالو: حَلِيۡم آهي. اللّٰه پاڪ جي حق ۾ ان جي معنيٰ آهي: گنهگارن کي مهلت ڏيڻ، ان تي فوراً پڪڙ نه فرمائڻ. ماڻهو ڪيترا گناهه ڪندا آهن، اللّٰه

---

[1] الاستيعاب، جلد:3، صفحه:354، رقم:2164 بتصرف

2 اِحْياءُالعلوم،ڪتاب ذم الغضب ...الخ،بيان فضيلة الحلم، جلد:3، صفحه:218 ملتقطاً

پاڪ جون ڪهڙيون ڪهڙيون نافرمانيون ٿي رهيون هونديون آهن. اللہ پاڪ چاهي ته زمين ڦاٽي سگهي ٿي، هي نافرمان زمين ۾ ڌڳجي سگهن ٿا. آسمان کان پٿر وسي سگهن ٿا، بجلي ڪِري سگهي ٿي، نافرمان جو چهرو بگڙي سگهي ٿو، هٿ پير ٽٽي سگهن ٿا پر اللہ پاڪ حلم وارو آهي، اهو مهلت عطا فرمائيندو آهي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ؕ (پاره:15، سورۃ کہف:58) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اوهان جو ربّ وڏو بخشڻ وارو رحمت وارو آهي جيڪڏهن اهو ماڻهن کي سندن ڪرتون تي پڪڙي ها ته جلد انهن تي عذاب موڪلي ها. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ اللہ پاڪ جي رحمت ۽ مهلت جو بيان آهي ته هُو وڏو بخشڻ وارو آهي جو ڪروڙين گناهه ڪرڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو مغفرت جو دروازو کڙڪائيندو آهي ته هُو بخشي ڇڏيندو آهي ۽ سڄي زندگي گناهن ۾ گذارڻ جي باوجود به جيڪڏهن ڪو زندگي جي آخري لمحن ۾ توبہ ڪري وٺندو آهي ته اللہ پاڪ اُن کي معاف فرمائي ڇڏيندو آهي. هي مغفرت جي شان به آهي ۽ رحمت جي شان به، ۽ شانِ رحمت ۾ هي به داخل آهي ته اُن مهلت ڏني آهي ۽ عذاب ڏيڻ ۾ جلدي ناهي فرمائيندو بلڪ ڪفر ۽ گناهه جي باوجود ماڻهن کي دنيا جو رزق ڏيندو رهندو آهي.[1]

## حلم انبياء جي سُنت آهي

اهڙي طرح حِلم جيڪو آهي، اهو سُنّتِ انبياء به آهي. جيترا انبياءِ ڪرام دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا، سيئي بُردبار هئا، برداشت وارا هئا ۞ ماڻهو گاريون ڏيندا هئا، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام برداشت ڪندا هئا ۞ ماڻهو تڪليفون پچائيندا هئا، انبياءِ

1 صراط الجنان،پاره:15، سورۂ کہف، زيرِ آيت،58،جلد:5،صفحه:587۔

ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام برداشت فرمائيندا هئا. ۞ ماڻهو برو پلو چوندا هئا، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام برداشت ڪندا هئا. بخاري شريف جي حديث پاڪ آهي، پياري نبي رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جو ذڪر ڪندي فرمايو: (ان قوم کي نيڪي جي دعوت ڏني ته) قوم ان کي سخت تڪليفون ڏنيون، ايستائين جو رت وهڻ شروع ٿي ويو، هاڻي هُو پنهنجي چهري مبارڪ تان رت اُگهندي چئي رهيو هو: **اي الله پاڪ! منهنجي قوم کي بخشي ڇڏ، بيشڪ هي نٽا ڄاڻين.**[1]

الله اڪبر! انبياءِ ڪرام جيڪا دُعا فرمائن، الله پاڪ فوراً منظور ڪري وٺندو آهي، جن جي دُعا کان عذاب لهي سگهيا ٿي، غير مُسۡلِم زمين ۾ دبجي سگهيا ٿي، هي ستائڻ وارا، تڪليفون پهچائڻ وارا منٽ کان پهريان موت جو شڪار ٿي سگهيا ٿي پر هي انبياءِ ڪرام جو حلم هيو جو تڪليفون برداشت ڪندي به چوندا آهن: اي الله پاڪ اسان جي قوم کي بخشي ڇڏ، انهن تي عذاب نازل نه فرماءِ.

## انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي حِلۡم جون مثالون

حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام ساڍا 9 سو سال تبليغ فرمائي، سندن بابت اچي ٿو، ماڻهو کين تڪليفون ڏيندا ها، جسماني تشدد ڪندا ها، ايستائين جو پاڻ بيهوش ٿي ويندا ها پر جڏهن هوش ايندو هو ته چوندا هئا: اي الله پاڪ منهنجي قوم کي بخشي ڇڏ، بيشڪ هي نٽا ڄاڻين.[2] اهڙي طرح حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي نمرود ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون نه ڏنيون، مَعَاذَاللهُ! ڪيس ٻرندڙ باهه ۾ وِڌو ويو پر سندن حلم...!! سُبۡحٰنَ الله! ايترين سخت تڪليفن ۾ به زبان تي شڪوا شڪايت نه آئي، نه قوم جي لاءِ تڪليف جي دُعا نڪتي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي تڪليفون ڏنيون ويون، پاڻ برداشت ڪيائون، حلم اختيار

[1] بخاری،کتاب احادیث الانبیاء،باب حدیث الغار،صفحہ:893،حدیث:3477۔
2 فتح الباری،کتاب احادیث الانبیاء،باب حدیث الغار،جلد:6،صفحہ:637،زیرِ حدیث:3477۔

فرمايو، حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام کي ستايو ويو، حضرت شعيب عَلَيْهِ السَّلَام کي ستايو ويو. حضرت لُوط عَلَيْهِ السَّلَام کي تڪليفون ڏنيون ويون. حضرت زڪريا عَلَيْهِ السَّلَام کي تہ شهيد ڪيو ويو. حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي خلاف سازشون رچايون ويون پر قربان وڃو! هي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام جو پاڪيزه انداز آهي، انهن کي جيترين بہ تڪليفون ڏنيون ويون، هي حلم، حلم ۽ حلم ئي جو مظاهرو فرمائيندا رهيا، ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام نہ جلدبازي سان ڪم ورتو، نہ ئي پنهنجي ذات جي خاطر ڪاوڙ فرمائي بلڪ صبر ۽ تحمل سان هر ستم برداشت ئي فرمائيندا رهيا.

## حلم (بردباري) سُنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي

جڏهن اسان حضرت مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حِلْم مُبارَڪ جي ڳالهہ ڪريون تہ واقعي ان جي شان سيني کان اعليٰ ۽ بي مثال آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تہ هر شان سيني کان اعليٰ عطا ڪئي وئي آهي. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿۴﴾<br>(پاره:29، سورة قلم:4) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ تون نهايت اخلاق جو مالڪ آهين. |

جيترا چڱا اخلاق آهن، جيترا چڱا اوصاف آهن، باقي نبين سڳورن کي جيترا عطا ٿيا هئا، ان سان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيا ويا. حلم بہ سڀني کي سيني کان وڌيڪ عطا ڪيو ويو. اچو! حلمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڪجهہ مثالون ٻڌون ٿا:

### (1) اُٺ وڪرو ڪندڙ سان حِلْم

مومنن جي امڙ سائڻ، حضرت عائشہ صديقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ هڪ ڀيرو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اعرابي کان ڪجورن جي بدلي ۾ هڪ اُٺ

خريد ڪيو. پر جڏهن ادائيگي جي لاءِ گهر آيا تہ ڪجوروں موجود نہ هيون. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان اعرابي کي فرمايو: اي عبدالله! اسان توکان ڪجورن جي بدلي اُٺ خريد ڪيو پر ادائيگي لاءِ ڪجوروں موجود نہ آهن.

اهو ٻڌندي ئي اهو اعرابي زور زور سان دانهون ڪرڻ لڳو: هاءِ، دوکو! هاءِ، دوکو! صحابہ ڪرام رضي الله عنهم جڏهن اهو منظر ڏٺو تہ ان اعرابيءَ کي مارڻ لاءِ ڊوڙيا، ۽ چيائون تہ تون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪهڙي انداز ۾ گفتگو ڪري رهيو آهين؟ رحيم ۽ ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ان کي ڇڏي ڏيو! ان کي ڳالهائڻ جو حق آهي. اها ڳالهہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻہ يا ٽي ڀيرا ارشاد فرمائي. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجورن جو انتظام ڪيو ۽ ان اعرابي کي عطا فرمايائون. ان (اعرابي) عرض ڪيو: جَزَاكَ اللّٰهُ خَيْرًا يعني الله پاڪ توهان کي ڀلي جزا ڏئي، توهان مون کي پورو حصو تمام بهترين طريقي سان عطا فرمايو. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو : ماڻهن مان بهترين اهي آهن جيڪي پورو حصو بهترين طريقي سان ڏيندا آهن.[1]

## واپار ۾ ايمانداري اختيار ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضور اڪرم، شاهہ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر معاف ڪرڻ وارا ۽ انتهائي مهربان ۽ بردبار هئا. سيني جي سامهون واپار کان انڪار ڪرڻ جو الزام لڳائڻ واري کي بدلو وٺڻ جي طاقت ۽ قُدرت هجڻ جي باوجود معاف فرمائي ڪري چڱي اخلاق جو مظاهرو فرمايو. هن روايت مان اسان کي بہ هي سبق مليو تہ واپار دوران خريد ۽ وڪرو ڪندي وقت بردباري، برداشت، سچائي ۽ ايمانداري سان ڪم وٺڻ گهرجي. سودو وڪرو ڪندڙ يا خريد ڪندڙ مان ڪوبہ تڪليف ڏيڻ واري ڳالهہ ڪري تہ

1 سبل الہدی والرشاد، جلد:7، صفحہ:20۔

آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪندي صبر جو ڍُڪ پيئڻ گهرجي. جوابي ڪاروائي ڪرڻ، لڙائي ۽ جهيڙي ڪي وڌائڻ سان گڏوگڏ پاڻ ۾ نفرتن جو سبب بڻجي سگهي ٿو. بدڪلامي، دل آزاري ۽ الزام تراشي وارا جملا چوڻ جي صورت ۾ ڪبيره گناهن ۾ وڃي پوڻ جو بہ انديشو آهي. لهٰذا اسان مان هر هڪ کي گهرجي تہ اهڙن موقعن تي غصو ڪرڻ، ماڻهن کي ڌيڄارڻ ۽ ڳالهہ کي وڌائڻ بدران صبر جو مظاهرو ڪندي پاڻ بہ گناهن کان بچون ۽ ٻين کي بہ بچائڻ جي ڪوشش ڪيو.

## (2) حضور غَورث کي معاف ڪري ڇڏيو

هڪ دفعي پياري آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم سان گڏ سفر تي هئا. هڪ مقام تي ترسيا. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم ڪجهہ فاصلي تي رُڪيا ۽ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڪيلي هڪ وڻ جي هيٺان آرام فرما ٿيا، غير مسلم جيڪي هميشہ اللّٰه جي محبوب، نبين جي سردار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نقصان پهچائڻ جا ناپاڪ منصوبا ٺاهيندا رهندا هئا، انهن مان هڪ غير مسلم جنهن جو نالو غُورث هيو، اوچتو ڪٿان کان ظاهر ٿيو. تلوار هٿ ۾ هئي، تلوار کي بجليءَ جيان لهرائيندي پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ويجهو پهتو ۽ غرور ۽ تڪبر واري لهجي ۾ چيائين: محمد (صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم)! ٻڌاءِ، هاڻي توکي مون کان ڪير بچائيندو؟

محبوبِ رحمٰن، سلطانِ دوجهان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نهايت ئي اطمينان سان فرمايو: اللّٰه...!! (يعني مون کي اللّٰه پاڪ بچائيندو).

بس پوءِ ڇا هيو، نبوت جي شان جي هيبت سان غورث جي هٿ مان تلوار ڪِري پئي. هاڻي تلوار محبوبِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ ۾ هئي ۽ غورث ان تلوار جي وار هيٺ هو. پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي ٻڌاءِ، توکي مون کان ڪير بچائيندو؟" غورث ڳِڙ ڳِڙائي عرض ڪيو: هاڻي توهان ئي ڪرَم ڪيو...!!

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم كمال حلم ۽ بردباريءَ جو مظاهرو كندي، غورث كي معاف كري ڇڏيو.[1]

ڇا ڳالھ آهي.....!! غير مسلم به سندن حلم تي كيترو ڀروسو ركندا هئا. ڇا خوب چيو آهي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه :

كر كے تمہارے گناہ، مانگیں تمہاری پناہ | تم کہو دامن میں آ ، تم پہ کروڑوں درود! (2)

هك ٻي مقام تي فرمايو:

چور حاکم سے چھپا کرتے ہیں یاں اس کے خلاف | تیرے دامن میں چھپے، چور انوکھا تیرا (3)

پيارا اسلامي ڀائرو! كيترو نرالو حلم آهي...!! ماڻهو تكليفون ڏيندا آهن، محبوبِ كريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حلم جو اظهار كندا آهن، ماڻهو گناه كندا آهن، پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي ناراض ناهن ٿيندا، پنهنجي شفاعت جي دامن ۾ وٺي گُناه بخشرائيندا به آهن ۽ الله پاڪ كان جنت به ڏياريندا آهن.

## (3): وڃو! توهان سڀ آزاد آهيو...

منقول آهي: جنهن ڏينهن مكو فتح ٿيو، اُن وقت رحيم ۽ كريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مكي وارن كان پڇيو: اي قريش! توهان جو ڇا خيال آهي، مان توهان سان كيئن سلوك كرڻ وارو آهيان؟ انهن جواب ڏنو: نَظُنُّ خَيْرًا، يعني اسان توهان كان خير ئي جي اميد ركون ٿا، نَبِيٌّ كَرِيۡمٌ وَاَخٌ كَرِيۡمٌ وَ ابۡنُ اَخٍ كَرِيۡمٍ وَ قَدۡ قُدِرۡتَ چوته توهان كريم نبي آهيو، كريم النفس ڀاءُ آهيو ۽ اسان جي كريم ۽ مهربان ڀاءُ جا فرزند آهيو ۽ اللهٰ پاڪ اوهان كي اسان تي قدرت عطا فرمائي آهي، ته رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَڄ مان توهان كي اها ڳالھ چوان ٿو، جيكا منهنجي ڀاءُ يوسف پنهنجي ڀائرن جي باري ۾ چئي هئي. پوءِ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] شفا شريف، الباب الثانى ، الضرب الثالث، فصل فى الفرق بين الحلم...الخ، صفحه:88۔

2...حدائق بخشش،صفحه:271۔

3...حدائق بخشش،صفحه:16۔

هي آيتِ مبارڪ تلاوت فرمائي:

| | |
|---|---|
| لَا تَثْرِیْبَ عَلَیْكُمُ الْیَوْمَؕ-یَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ٘-وَ هُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِیْنَ(۹۲) (پاره:13، سورهٔ يوسف:92) | ترجموڪنزالعرفان: توهان تي ڪا ملامت نہ آهي، اللّٰه توهان کي معاف ڪري ۽ اهو سمورن مهربانن کان وڏيڪ مهربان آهي. |

۽ فرمايائون: وڃو توهان آزاد آهيو.[1]

## ڪيستائين برداشت ڪندا رهون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ اسان وٽ جڏهن بردباري جي ڳالهہ ڪئي ويندي آهي، مُعاف ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي ويندي آهي تہ ماڻهو چوندا آهن: مون کي صبر جو مشورو ڏيو ٿا، مون کي مُعاف ڪرڻ جو چئو ٿا، سامهون واري کي بہ تہ ڏسو...!! اُن مون سان هي ڪيو، مون سان هُو ڪيو، مون کي ايتريون تڪليفون پهچايون..!! آخر ڀانهو صبر ڪري تہ ڪيستائين ڪري؟ برداشت ڪري بہ تہ ڪيتري ڪري؟

جيڪي ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن، انهن کان سوال آهي: ❁ ڇا اوهان کي ڪنهن کوهہ ۾ وڌو؟ ❁ ڇا توهان کي غلام بڻائي ڪري بازار ۾ وڪرو ڪيو ويو آهي؟ ❁ ڇا ڪنهن جي ڪري اوهان کي جيل ۾ ڪيئي سال بي گناهہ رهڻو پيو آهي؟❁ ڇا ڪنهن جي سبب اوهان کي پنهنجي والدين سان 30 سالن تائين جُدا رهڻو پيو آهي؟ اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام سان هي سڀ ڪجهہ ٿيو ❁ کين کوهہ ۾ بہ وڌو ويو ❁ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام آقا هئا پر کين غلام جي طور تي وڪرو بہ ڪيا ويا ❁ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام بي گناهہ هوندي بہ جيل ۾ رهيا ❁ والدِ محترم سان تمام گهڻي محبت جي باوجود 30 سالن تائين انهن کان جُدا

[1] سبل الهدی والرشاد،جلد:5، صفحہ:242۔

ٻه رهيا، اُن سڀ هوندي ٻه آخر ۾ سندن زبان مبارڪ تي خبر آهي ڪهڙا جملا هئا؟ سندن ڀائر جڏهن شرمندگي سان سندن سامهون حاضر هئا، اهي ڏڄي رهيا هئا ته نه ڄاڻ اَڄ اسان سان ڪهڙو سلوڪ ٿيندو. حضرت يوسف عَلَيۡهِ السَّلَام وڏي اطمينان سان فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَاتَثۡرِيۡبَ عَلَيۡكُمُ الۡيَوۡمَ ؕ<br>(پاره:13، سورهٔ يوسف:92) | ترجمو ڪنزالعرفان: اڄ توهان تي ڪا ملامت نه آهي. |

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي حلم..!! هي آهي برداشت...!! اسان کي گهرجي ته اسان ٻه حِلم اپنايون، برداشت اپنايون، ڪاوڙ ۾ پرچي نه بلڪ مُعاف ڪري ثواب ڪمائڻ سکون.

## حِلْم جي فضيلت تي مبارڪ حديثون

**اي عاشقانِ رسول!** اسان کي ٻه حِلم اپنائڻ گهرجي! ❁ حلم (بردباري) وارو الله پاڪ جو پسنديده ۽ پيارو ٻانهو بڻجي ويندو آهي. ❁ ملائڪ بردباري ڪرڻ واري جا مددگار هوندا آهن. ❁ بردباري ڪرڻ واري جي ماڻهو ساراهه ڪندا آهن. ❁ ۽ حِلم وارو ماڻهو بلند درجن تائين پهچي ويندو آهي. ❁ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: پنج شيون نبين جي سنت مان آهن، انهن مان هڪ حِلم (بردباري) آهي.[1] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: بيشڪ مسلمان حِلم ذريعي ڏينهن ۾ روزو رکڻ ۽ رات ۾ عبادت ڪرڻ واري جو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي.[2] ❁ حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: بيشڪ الله پاڪ حِلم واري کي پسند فرمائيندو آهي.[3] ❁ هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن مخلوق کي گڏ ڪيو ويندو. هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: فضيلت وارا ڪٿي

1 معجم ڪبير، جلد:5، صفحه:324، حديث:11282ملتقطاً.
2 معجم اوسط، جلد:4، صفحه:369، حديث:6273ملتقطاً.
3 سنن ڪبرىٰ بيهقي، ڪتاب:النڪاح، باب:ماجاء في قبلة الجسد، جلد:7، صفحه:174، حديث:13587ملتقطاً.

آهن؟‘ اهو ٻڌي ڪري ڪجھ ماڻھو اُٿي ڪري جلدي جلدي جنّت ڏانھن وڃڻ لڳندا. ملائڪ انهن کان پڇندا: توهان جنّت ڏانھن جلدي جلدي ڇو پيا وڃو؟ اهي جواب ڏيندا: اسان ئي فضيلت وارا آهيون. ملائڪ پڇندا: توهان جي فضيلت ڇا آهي؟ اهي چوندا: جڏهن اسان تي ظلم ڪيو ويندو هو ته اسان صبر ڪندا هئاسين، اسان سان برو رويو اختيار ڪيو ويندو هو ته اسان معاف ڪندا هئاسين ۽ جڏهن اسان سان جاهلاڻو رويو اختيار ڪيو ويندو هو ته اسان حِلم جو مظاهرو ڪندا هئاسين.[1]

تُو عطا حِلم کی بھیک کر دے | میرے اخلاق بھی ٹھیک کر دے
تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بردباري جو انعام

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ماڻھو حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ! مان پنهنجن مائٽن سان صلح رحمي ڪندو آهيان پر اهي مون سان رشتو ٽوڙيندا آهن، مان انهن سان حسنِ سلوڪ سان پيش ايندو آهيان پر اهي مون سان خراب سلوڪ ڪندا آهن، مان انهن سان بردباري سان پيش ايندو آهيان پر اهي مون سان جاهلاڻو ورتاءُ ڪندا آهن. حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جيڪڏهن معاملو اهڙو ئي آهي جيئن تون چئين پيو، ته تو سان الله پاڪ جي طرفان هڪ مددگار رهندو جيستائين تون اهڙي حالت ۾ رهندين.[3]

خبر پئي جڏهن ماڻھو صبر، تحمل، بردباري، ۽ برداشت جو مظاهرو ڪندو

---

1 شعب الايمان، باب:فی حسن الخلق، جلد:6، صفحہ263، حديث:8086۔

2 …وسائلِ بخشش، صفحہ:138۔

3 مسلم،كتاب البر و الصلة…الخ،باب صلة الرحم…الخ،صفحہ:993،حديث:2558۔

رهندو آهي، اُن وقت تائين الله پاڪ جي طرفان هڪ مددگار ملائڪ سندس مدد ڪندو رهندو آهي، لهٰذا جيڪي چوندا آهن تہ انسان ڪيترو برداشت ڪري؟ انهن کي گهرجي! اُن وقت تائين برداشت ڪندا رهن، جيستائين الله پاڪ جي مدد پاڻ سان گڏ رکڻ چاهين. جڏهن هي لڳي تہ (معاذالله) هاڻي الله پاڪ جي مدد جي ضرورت ناهي، ان وقت برداشت ڪرڻ ڇڏي ڏيو. الحمدلله! اسان کي تہ هر لمحي الله پاڪ جي مدد جي ضرورت آهي، مرڻ گهڙي تائين **بلڪ مرڻ ڪانپوءِ بہ ضرورت آهي** لهٰذا گهرجي تہ آخري ساهہ تائين برداشت ڪندا ئي رهو.

## سيئي اَبو ضَمْضم بڻجي وڃو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان جي آخر ۾ پياري محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي هڪ خوبصورت نصيحت ٻڌو!**

هي نصيحت منهنجي لاءِ بہ آهي، توهان جي لاءِ بہ آهي، زيد، عمر، بڪر ۽ سيني لاءِ آهي. نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ڇا توهان ابو ضَمْضَم وانگر نہ ٿا ٿي سگهو؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُمْ عرض ڪيو: ابو ضَمْضَم ڪير **آهي؟** حضور پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: توهان کان پهريان ماڻهن ۾ هڪ شخص هو، جڏهن صبح ٿيندي هئي تہ هُو هيئن چوندو هو: اي الله پاڪ! مون اَڄوڪي ڏينهن پنهنجي عزت ان ماڻهوءَ تي صدقو ڪري ڇڏي، جيڪو مون تي ظلم ڪري.[1]

ڪيتري پياري نصيحت آهي! اسان کي بہ پنهنجو اهو معمول بڻائڻ گهرجي.

❁ روزانو پنهنجي عزت، پنهنجو وقار، پنهنجي اوچي قد جو رُعب، پنهنجي عهدي ۽ منصب جي حيثيت وغيره وغيره اهي تمام شيون جيڪي اسان کي بي صبري ۽ ڪاوڙ تي ايارينديون آهن، اهي سيئي شيون قربان ڪيو ❁ روزانو هي نيت ڪريو تہ اي الله پاڪ! اڄ جيڪو بہ مون کي ستائيندو، مون ان کي اڳواٽ ئي معاف ڪيو. ❁اڄ جيڪو بہ مون تي آگر ڪڍندو، مون ڪيس معاف

[1] شعب الايمان، باب:فی حسن الخلق، جلد:6، صفحہ262، حديث:8082

ڪيو ❁ اج جيڪو بہ مون کي تڪليف ڏيندو، ❁ مون کي ڪاوڙ سان ڏسندو، ❁ مون کي گار ڏيندو ❁ مون تي طنز ڪندو، اي اللّٰه پاڪ! مون ان کي تنهنجي رضا لاءِ اڳ ئي معاف ڪيو.

اللّٰه پاڪ اسان کي اُن جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اسان کي صبر، حلم ۽ برداشت جي نعمت نصيب ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| تُو عطا حِلْم کی بھیک کر دے | میرے اخلاق بھی ٹھیک کر دے |
| تجھ کو فاروق کا واسطہ ہے | یا خُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُلطان باهو جو ذڪر خير

پيارا اسلامي ڀائرو! هر سال ڀرين جُمادَي الآخر تي سلطان العارفين، وليِّ ڪامل حضرت سخي سلطان باهو رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو عرس ملهايو ويندو آهي. اچو تہ ان مناسبت سان انهن جو ڪجهه ذڪر ٻڌون ٿا:

❁ حضرت سلطان باهو رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه رمضان المبارڪ 1039 هجري ۾ شور ڪوٽ (پنجاب، پاڪستان) ۾ پيدا ٿيا. ❁ سندن والد محترم حافظِ قرآن، عالمِ دين، نيڪ سيرت ۽ شريعت جا پابند هئا، جڏهن تہ سندن والده ماجده اللّٰه پاڪ جي وليہ هيون.

❁ سندن سلسلو نسب 29 واسطن سان مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي المرتضيٰ شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ سان ملي ٿو. ❁ سندن تعليم ۽ تربيت هڪ نيڪ سيرت والده جي آغوش ۾ ٿي. ❁ زندگي جو وڏو حصو مختلف علائقن جو سفر ڪري مخلوقِ خدا کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ گذاريو. ❁ اللّٰه پاڪ کين زبردست تحريري صلاحيتن سان نوازيو هو. ❁ حضرت سخي سلطان باهو

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:138۔

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ تقريباً 140 ڪتاب لکيا. ❁ سندن نصيحتن سان ڀرپور پنجابي شاعري کي وڏي شهرت ملي. ❁ 63 ورهين جي عمر ۾ جمعي جي رات پهرين جُمادي الآخر 1102 هجري تي سندن وصال ٿيو. ❁ سندن مزار مبارڪ قصبه دربار سلطان باهو، ويجهو ڳڙهه مهاراجه (تحصيل شور ڪوٽ، ضلعي جهنگ، پاڪستان) ۾ آهي[1].

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم، مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! فيضان اولياء ماڻڻ، بااخلاق ۽ باڪردار، سنتن جو پابند عاشقِ رسول بڻجڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور شرڪت ڪيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ برڪتون نصيب ٿينديون، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدني قافلو به آهي.

نيڪي جي دعوت ڏيڻ، ان جي راهه ۾ مشڪلاتون برداشت ڪرڻ انبياء جي سنت آهي ❁ دين جو ڪم مشقتون برداشت ڪري، قربانيون ڏئي ڪري ٿيندو آهي ❁ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ❁ صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ❁ نيڪ ماڻهو نيڪي جي دعوت لاءِ گهرن کان نڪرندا هئا ❁ پري پري علائقن ۾ ويندا هئا ❁ هجرت ڪندا هئا ❁ مشقتون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا ❁ پهرين دور جي مسلمانن جي قربانين سان ئي اسان تائين دين پهتو آهي.

❁عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي به انهي راهه تي آهي ❁ سڄي دنيا ۾ دين جو پيغام عام ڪرڻ لاء لکين عاشقان رسول مدني قافلي جي صورت ۾ ملڪ ملڪ، شهر شهر، ڳوٺ، ڳوٺ ويندا آهن ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن❁ مدني قافلن جي برڪت سان ڪيئي غير مسلم ڪلمو

1 ماهنامه فيضانِ مدينه، مارچ 2017، صفحه:41 ملخصاً.

پڙهي ڪري مسلمان ٿي چڪا آهن ۞ لڪن جي زندگين ۾ نيڪين جي بهار آئي آهي ۞ الحمد لله! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهيني ۽ 1سال جا مدني قافلا سفر ڪندا رهندا آهن ۞ توهان بہ مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ان شاء الله الڪريم! خوب برڪتون حاصل ٿينديون ۞ مدني قافلي ۾ فرض علم دين سيکاريو ويندو آهي ۞ سنتون سيکاريون وينديو آهن ۞ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ قافلي جي برڪت سان دعا قبول ٿيڻ ۞ مشڪلاتون حل ٿيڻ ۞ بيمارين کان شفا ملڻ جا سيڪڙو واقعات موجود آهن ۞ ائين بہ ٿيو آهي جو مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقان رسول جي حوصلہ افزائي لاءِ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف کڻي آيا ۽ شرڪاءِ قافلا کي پنهنجو ديدار ڪرايو. اسان مدني قافلي ۾ سفر ڪيون، ڪهڙي خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪيو! بلڪ اڄ ئي نيت لکرايو! اچو تہ توهان جي ترغيب لاءِ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

## باغ جو جهولو

هڪ ماڊرن نوجوان حيدرآباد جي هڪ محلي ۾ علائقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلن ۾ سفر جي ترغيب ڏني وئي، جنهن تي هن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو لکرايو. اجا قافلي ۾ روانگي لاءِ ڪجھ ڏينهن باقي هئا جو قضاءِالٰهي سان سندس انتقال ٿي ويو. ڪنهن گهر واري مرحوم کي خواب ۾ ڏٺو تہ هو هڪ سرسبز باغ ۾ ڏاڍو خوش آهي ۽ جهولي ۾ لڏي رهيو آهي. خواب ڏسندڙ ڪانئس پڇيو: تون هتي ڪيئن پهتين؟ اُن نوجوان جواب ڏنو: مان دعوت اسلامي جي مدني قافلي سان آيو آهيان، الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي ماءُ کي چئي ڇڏجان تہ

منهنجو غم نہ ڪري، مان هتي تمام گهڻي سڪون سان آهيان.

| | |
|---|---|
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو |
| پاؤ گے بخششیں قافلے میں چلو | جنّتیں بھی ملیں، قافلے میں چلو |

## ”القرآن الڪريم“ ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ جو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، هڪ تمام وڏو تعداد آهي جيڪو اينڊرائڊ موبائل (Android Mobile) يا آئي فون استعمال ڪري ٿو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Al Quran al kareem(القرآن الڪريم)اها ايپلي ڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ * مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. * هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي (بڪ مارڪ) Bookmark بہ ڪري سگهجي ٿو يعني هر هر پڙهڻ واري سورت يا آيت کي Bookmark جي سبب آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اڄ ئي اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ بہ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪريو ۽ ٻين کي بہ قرآنِ پاڪ پڙهڻ، ٻڌڻ جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چند اهم اعلان:

❁ هر هفتي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو ڪندا آهن. اينڊڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً 8:15 وڳي) اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ

طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سوالن جا جواب پڻ عطا ڪندا. سڀ ذميوار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به دعوت ڏين.

❁ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ ”**جنت جي باري ۾ دلچسپ معلومات**“ رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو، ٻين کي به پڙهڻ لاءِ ترغيب ڏيو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪن ٿا، اهي الله جي رضا ۽ ثواب لاءِ هن رسالي کي ٻين سان شيئر ڪريو.

❁ **حضرت سخي سلطان باهو** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ برصغير جا عظيم صوفي بزرگ ۽ علم ۽ معرفت جا آفتاب هئا. سندن زندگي تقويٰ، زهد، عشقِ الٰهي ۽ خلقِ خدا جي خدمت سان ڀريل هئي.

**مڪتبةُ المدينہ** طرفان سندن سيرتِ طيبہ تي هڪ نهايت جامع ۽ ايمان افروز رسالو **فيضان سلطان باهو** شايع ڪيو ويو آهي. **قيمت** 30 رپيا .اهو رسالو **مڪتبةُ المدينہ** جي ڪنهن به شاخ تان خريد ڪري پڙهو ۽ ٻين کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏيو.

يومِ صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مناسبت سان مڪتبةُ المدينہ پيش ڪري رهيو آهي: **خصوصي فيضان صديقِ اڪبر پيڪيج جنهن ۾ شامل آهن:** 8 وڏا ۽ 2 ننڍا رسالا، هڪ پمفليٽ **قيمت:** صرف 200 رپيا. **هن پيڪيج کي مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان حاصل ڪري سگهو ٿا.**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت ،شهنشاه نبوت صلي اللّٰه عليہ وسلم فرمايو: جنهن منهجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سا محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

## گهٽ کائڻ سنّت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جڏهن ٻانهو پنهنجي کاڌي ۾ گهٽتائي ڪندو آهي تہ ان جو سينو نور سان ڀريو ويندو آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! گهٽ کائڻ سنّت آهي. اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن بہ لاڳيتو 2 راتيون پيٽ ڀري نہ کاڌائون پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بکَ جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

### کاڌي جي مقدار جي باري ۾ احڪام:

بُکَ رکي ڪري کائڻ سنّت آهي. جيتري بُک آهي، اوترو کائي وٺڻ مباح آهي (يعني ان ۾ نہ گناهہ نہ ثواب). پيٽ ڀري ڪري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان هجي، حرام آهي. پيٽ ڀري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نہ هجي مڪروهہ آهي. غذا ۾ ايتري گهٽتائي ڪري ڇڏڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[3]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين

[1] تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2 جامع صغير، صفحہ:35،حديث:469۔
3 بہارِ شَرِيْعت، حصہ:16، جلد:3، صفحہ:374ملخصًا ۔

ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادَل چَھٹیں قافلے میں چلو
خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں ،اِلتجائیں کریں
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا
[2] افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الحاديۃ عشرۃ، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

2… ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455